## سنڌو درياءُ جي بندن مولچند شاهبندر (MS)، سونڊا هلايا (SH)، بگهاڙ اوچتو (BU) ۽ انڊو (Indo) تي ڪمن دوران متاثرين جي ٻيهر آباد ڪاري واري مختصر منصوبي جو خلاصو

# پس منظر:

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي تعاون سان ايس آر پي Sindh Resilience Project (SRP) تحت سنڌو درياء تي اڏيل بندن جهڙوڪ مولچند شاه بندر (MS)، سونڊا هلايا (SH)، بگهاڙ اوچتو (BU) ۽ انڊو بند جي بحالي جو ڪم شروع ڪري رهي آهي. منصوبي جي ٻيهر آبادڪاري بابت منظور ٿيل خاڪي (RPF) Resettlement Policy Framework ۽ عالمي بئنڪ جي حفاظت وارين پاليسين جي روشني ۾ آبادڪاري واري اثرن کي حل ڪرڻ لاءِ متاثرين جي ٻيهر آباد ڪاري جو مختصر منصوبو Abbreviated Resettlement Action Plan (ARAP) ٺاهيو ويو آهي.

### ماحولياتي / سماجي انتظامڪاري ۽ آبادڪاري واري پاليسي جو خاڪو

ايس آرپي( SRP) تحت ڪمزور بندن جي بحالي، پاڻي جي ڪوٺ وارن علائقن ۾ ننڍا ڊيم ٺاهڻ ۽ آفيسن جي تعمير ڪئي ويندي. ذيلي منصوبن جي لسٽ ۽ هنڌن کي حتمي شڪل نه هجڻ ڪري اصولي خاڪي ٺاهڻ واري طريقي ڪار کي اختيار ڪيو ويو آهي. ان طريقي تحت ماحولياتي ۽ سماجي جوڙ جڪ ۽ ٻيهر آبادڪاري واري پاليسي تيار ڪئي وئي آهي. هن پاليسي ۾ منصوبي سبب ماحولياتي ۽ سماجي ڍانچي تي پوندڙ منفي اثرن جي سڃاڻپ، انهن اثرن کي گهٽائڻ ۽ ذيلي منصوبن کي چونڊڻ جو طريقو مهيا ڪيو ويو آهي.

### ذيلي منصوبن جي درجه بندي

ذيلي منصوبن تي عملدرآمد ڪرڻ سان ماڻهو بي گهر ٿي سگهن ٿا. ان سان گڏوگڏ تعميراتي ڪمن جي ڪري جڳهين جي پيچ ڊاهه، ڪچن دڪانن کي هٽائڻ ۽ وڻن جو ڪٽجڻ شامل آهي. ان ڪري آبادڪاري جو منصوبو جوڙيو ويو آهي ته جيئن ذيلي منصوبا سٺي نموني ٺاهي سگهجن ۽ متاثر ٿيل ماڻهن جو خيال ڪري سگهجي. ذيلي منصوبن جي ڪري وچولي درجي جي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو انديشو آهي. ذيلي منصوبن جي درجه بندي جيڪا

ESMF/RPF ڏنل معيار جي لحاظ کان درجه-B ۾ اچي ٿي. ان هوندي به هاڻوڪو پيهر آبادڪاري جو مختصر منصوبو (ARAP) ماحوليات ۽ سماجي اثرن جي اپياس جي رپورٽ انهن ذيلي منصوبي جي لاءِ ٺاهي وئي آهي جيڪي درجه-A ۾ اچن ٿا. ARAP ڪانسواءِ (ESIA) جي هڪ الڳ رپورٽ عالمي بئنڪ جي پاليسين جي روشني ۾ ٺاهي وئي آهي.

## عملدرآمد جو ٽائيم ٽيبل

في الحال هن منصوبي تي عملدرآمد جي لاءِ عارضي ٽائيم ٽيبل جوڙيو ويو آهي. عملدرآمد جو منصوبو انهن متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي مدد لاءِ جوڙيو ويو آهي جن جو ذڪر هن منصوبي **(**ARAP**)** ۾ ٿيل آهي. هن منصوبي (ARAP ) تي عملدرآمد رٿا سان هم آهنگ ڪري شروع ڪيو ويندو. جنهن ۾ متاثرين جي مدد جو طريقو ۽ منصوبي جي رپورٽن کي عوام جي لاءِ منظرعام تي آڻڻ شامل آهي.

## مشاورت

مشاورت ڪرڻ جو مقصد عوام ۽ واسطيدارن کي هڪ موقعوفراهم ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجو آواز اٿاري سگهن ۽ ڪا صلاح يا مشورو منصوبي جي عملي کي ڏئي سگهن ته جيئن ماڻهن ۾ منصوبي لاءِ پنهنجائپ جو تاثر پيدا ڪيو وڃي. واسطيدارن ۽ عوام سان مشورو ڪيو ويو آهي. عوام سان گڏجاڻيون ۽ خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي آهي ته جيئن ماڻهن جي منصوبي جي باري ۾ رايا ۽ خدشا سمجهي سگهجن. ماڻهن جي خدشن کي زيرِغور آڻيندي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي گهٽائڻ وارو منصوبو ٺاهيو ويو آهي ته جيئن منصوبي کي عام ماڻهن جي مدد سان سماجي ۽ معاشي بنيادن تحت مڃتا ڪرائي سگهجي.

**اهم نتيجا**.

هن منصوبي **(** ARAP**)** جي مطالعي مان هيٺيان نتيجا ڪڍيا ويا آهن.

- غير رسمي اڏاوتن جي گهٽ ۾ گهٽ پيهر آبادڪاري کي يقيني بنائڻ، دڪانن، گهرن، مذهبي عبادت گاهن کي گهٽ ۾ گهٽ هٽائڻ ته جئين ماڻهن جي آمدني جا ذريعا متاثر نه ٿين.
- هن منصوبي تحت 2 جهوپڙيون، 2 مسجدون 13 ڪاٺ جا ٺهيل دڪان ۽ 2 واڙا هٽايا ويندا. جن جي مالڪي 14 گهرن وٽ آهي.
- بندن جي مرمت ڪرڻ سان پوڏون گهٽ ايندیون جنهن جو مثبت اثر زراعت ۽ واپار ڪندڙ ماڻهن کي پوندو.

- وٽن جي واڊي جي ڪري پونڊڙ منفي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ ٺيڪيدار ذريعي ٻيهر وڻ پوکرايا ويندا.
- تجويز ڪيل ذيلي منصوبن جي ڪٽ جي آخري تاريخ 2016-01-07 هئي.

**بجيٽ**

هن پلان (ARAP ) تي عملدرآمد ڪرڻ جو تخمينو 1.355 ملين روپيا آهي. هن تخميني ۾ متاثرن ٿيندڙ گهرن ۽ ٻين جاين جي معاوضي جي قيمت شامل آهي ان کان علاوه هن تخميني ۾ گذرسفر ۽ ٻي جڳهه تي منتقل ٿيڻ جو معاوضو پڻ شامل آهي.

**نگراني ۽ جائزو**

صاف ۽ شفاف عملدرآمد ڪرڻ لاءِ منصوبي جي نگراني ۽ جائزو اندروني توڙي ٻاهر جي ماهرن ذريعي ڪئي ويندي. ان لاءِ ماحوليات ۽ سماجي نگراني ۽ جائزي جي ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون. نگراني ۽ جائزي جون رپورٽون عالمي بئنڪ ۽ سنڌ آبپاشي کاتي جي لاڳاپيل اداري وٽ جمع ڪرايون وينديون.

**معاوضي جي مستحقن جا تفصيل**

متاثرين سان عوامي مشاورت ڪئي وئي جنهن ۾ انهن چڱي ريت حصو ورتو ۽ منصوبي جي متاثرين جي لاءِ پاليسي ۽ تفصيل ٺاهڻ ۾ مدد فراهم ڪئي.

هيٺين ٽيبل ۾ نقصانن سان گڏ متاثرين جو تفصيل ڏنو ويو آهي. مستحق متاثرين جي هيٺين ٽيبل ڏنل آخري تاريخ جي بنياد تي ٺاهي وئي آهي. هيءَ ٽيبل مختلف قسمن جي نقصانن ۽ لڏپلاڻ جا تفصيل فراهم ڪري ٿي جيڪي آدمشماري سروي دوران حاصل ڪيا ويا.

| عنوان | تفصيل | متاثرين | معاوضو | تخمينو |
|---|---|---|---|---|
| گهر (جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ جهوپڙيون ۽ اڏاوت هجي) | ڪاٺ جون جهوپڙيون | ڪچيون آباديون | متاثرين / خاندان جي گهر ۽ ملڪيت جو معاوضو<br>ان کان علاوه متاثرين جي لاءِ گذر سفر ڪرڻ جو خرچ (ٽن مهينن جي لاءِ) | 120 روپيه في چورس فوٽ<br><br>متاثر ٿيندڙ گهر کي رقم-/15,000 روپيه في مهينو ۽ ڪل رقم -/45,000 روپيه ڏنا ويندا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| لڏپلاڻ | عارضي گذر سفر ۽ آمدرفت لاءِ | منصوبي جي ڪري متاثر ٿيندڙ ماڻهو | آمدرفت جي خرچن جي لاءِ گهربل رقم جي گنجائش رکڻ | -/5,000 روپيه هر متاثر ٿيندڙ ماڻهو يا خاندان لاءِ |
| ماڻهن جون گڏيل ملڪيتون | | مسجدون | متاثر ٿيندڙ مسجدن جي مرمت يا متبادل مسجد | 120 روپيه في چورس فوٽ |
| بيٺل فصلن جو نقصان | بند جي تعمير دوران بند جي حدن ۾ بيٺل فصل لاءِ | پراجيڪٽ جا متاثرين جنهن ۾ ڪچي آبادين وارا به شامل آهن | منصوبي جو مدو يا ٻن فصلن جو معاوضو مارڪيٽ جي اگهه مطابق<br><br>فصل جي نقصان جو ڪاٿو مارڪيٽ جي اگهه مطابق لڳايو ويندو. | **ڪڻڪ:**<br>ڪڻڪ جو اگهه 1050 روپيه في مڻ<br>ڪڻڪ جي پيداوار 1367.85 ڪلو گرام<br>معاوضي جي قيمت -/35,906روپيه<br><br>**ڪمند:**<br>ڪمند جي پيداوار 20.95 ٽن جي ايڪڙ<br>قيمت -/172 روپيه في مڻ<br>معاوضي جي قيمت -/90085 في ايڪڙ<br><br>**ڪيلو:**<br>ڪيلي جي پيداوار 1.71 ٽن في ايڪڙ<br>قيمت 1400 روپيه في مڻ<br>معاوضي جي قيمت -/59,850 في ايڪڙ<br><br>**ڪپھ:**<br>ڪپھ جي پيداوار في ايڪڙ 1.98 Bales<br>قيمت 22950 في Bale<br>معاوضي جي قيمت -/45,441 روپيه |